PILDAT
Pakistan Institute of Legislative Development And Transparency

# مانيٽر

## پاڪستان ۾ رائٽ ٽو انفارميشن جي ۾ قانوني پيش رفت

آگسٽ 2015

پلڊيٽ
مانيٽر
پاڪستان ۾ رائٽ ٽو انفارميشن جي ۾ قانوني پيش رفت
آگسٽ 2015

## هن شماري ۾

1. وفاقي ڪابينا پاران چاڻ جي حق واري قانون تي غور هڪ ڀيرو ٻيهر نظرانداز
2. سنڌ جي سڌسماءُ واري واري وزير پاران نئين چاڻ جي آزادي واري قانون ڪي جلد منظور ڪرائڻ جي خاطري
3. خيبرپختونخواهه رائيٽ ٽو انفارميشن (ترميمي) ايڪٽ 2015 بابت صورتحال واضح ٿي ويئي
4. گورنر هائوس پنجاب جو ڊپٽي سيڪريٽري صوبائي آرٽي آءِ قانون تي عمل درآمد نه ڪرڻ تي پنجاب انفارميشن ڪميشن پاران طلب
5. خيبرپختونخواهه انفارميشن ڪميشن ۾ تڪراري مقرريون عدالت ۾ چيلنج
6. پاڪستان شاگردن ڪي پرڏيهي اسڪالرشپ ڏيڻ واري معاملي ۾ شفافيت وارو سوال
7. پنجاب جي اسڪولن متعلق ڊيٽا اجا به رسائي ڪان ٻاهر
8. خيبرپختونخواهه انفارميشن ڪميشن پاران شڪايتن جي اڪلاءُ جي صورتحال : آگسٽ 2015

ڏکڻ ايشيا ۾ آرٽي آءِ قانون جي منظرڪشي

1. هندستان جي مرڪزي حڪومت پاران سياسي پارٽين ڪي آرٽي آءِ قانون جي دائري ڪان ٻاهر رکڻ جا جتن

## وفاقي ڪابينا پاران چاڻ جي حق واري قانون تي غور هڪ ڀيرو ٻيهر نظرانداز

وفاقي ڪابينا جي 24 آگسٽ 2015 [1] تي ٿيل اجلاس ۾ پاڪستان ۾ چاڻ جي حق جو قانون ايجنڊا تي آٽڻ باوجود غور هيٺ نه آندو ويو ۽ انهي ڪي ايندڙ وفاقي ڪابينا جي اجلاس تائين ملتوي ڪيو ويو. [2] اطلاعات، سڌسماءُ ۽ قومي ورثي بابت سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽي جي چيئرمين سينيٽر سردار ڪامل آغا جي صدارت ۾ 2 سيپٽيمبر تي ٿيل اجلاس ۾ وفاقي ڪابينا پاران قانون تي غور نه ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ ان قانون جي منظوري به رولڙي جو شڪار ٿي ويئي آهي. [3] نئين آرٽي آءِ قانون وارو مسودو جيڪو پهريون ڀيرو 2008 ۾ تيار ڪيو ويو هو، هن ڀيري به 27 ڊسمبر 2013 واري صورتحال تي اچي بيهي رهيو، جڏهن اطلاعات، سڌسماءُ ۽ قومي ورثي جي وزارت پاران وفاقي ڪابينا ڪي ان جي منظوري ۽ ان ڪي سرڪاري بل طور پيش ڪرڻ لاءِ سمري وفاقي ڪابينا ڪي اماڻي ويئي هئي. [4] اها بدقسمتي آهي ته 2 سال گذرڻ باوجود آرٽي آءِ جو نئون ترقي پسند قانون وفاقي ڪابينا مان منظوري وارو مرحلو طئي نه ڪري سگهيو آهي.

هتي اهو بيان ڪرڻ ضروري آهي ته نئين آرٽي آءِ مسودي ڪي جديد قرار ڏيندي هڪ ترقي پسند قانون قرار ڏنو پيو وڃي ۽ جيڪڏهن اهو مسودو ساڳي صورت ۾ منظور ڪيو وڃي ٿو ته ڪينيڊا جي سينٽر فار لاء ايند ڊيموڪريسي جي عالمي آرٽي آءِ رينڪنگ ۾ هي قانون سرفهرست اچي ويندو. [5]

## سنڌ جي سڌسماءُ واري واري وزير پاران نئين چاڻ جي آزادي واري قانون ڪي جلد منظور ڪرائڻ جي خاطري

سنڌ جي سڌسماءُ ۽ تعليم جي وزير نثارکهڙي خاطري ڪرائي آهي ته سنڌ ۾ مدي خارج سنڌ فريڊم آف انفارميشن ايڪٽ 2006 جي جاءَ تي جلد ئي چاڻ جي حق وارو وڌيڪ بهتر قانون لاڳو ڪيو ويندو. هن اهڙن خيالن جو اظهار پلڊاٽ جي صدر احمد بلال محبوب جي سربراهي ۾ 19 آگسٽ 2015 تي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ۾ هڪ وفد سان ملاقات دوران ڪيو. نثار کهڙي وفد ڪي ٻڌايو ته سنڌ اطلاعات کاتي پاران چاڻ جي حق واري نئين قانون جي مسودي ڪي حتمي شڪل ڏني ويئي آهي. جڏهن ته قانون واري کاتي پاران به مسودي جو جائزو وٺڻ بعد ان ڏس ۾ هڪ سمري به صوبائي ڪابينا ڏانهن منظوري لاءِ اماڻي چڏي آهي. هن چيو ته سنڌ سرڪار چاڻ جي حق واري موجوده قانون ڪي بين الاقوامي معيار ۽ 18هين آئيني ترميم پٽاندڙ بنائڻ چاهي ٿي. سنڌ اطلاعات کاتي جو سيڪريٽري نذيرجمالي به گڏجاڻي دوران موجود هو. پلڊاٽ پاران اميد ڪئي پئي وڃي ته سنڌ سرڪار نئين قانون جي منظوري واري عمل ڪي تکڙو اڳتي وڌائيندي ۽ انهي ڪي جلد لاڳو ڪيو ويندو.

## خيبرپختونخواهه رائيٽ ٽو انفارميشن (ترميمي) ايڪٽ 2015 بابت صورتحال واضح ٿي ويئي

جيتوڻيڪ اجا گهڻو تنقيد هيٺ ايندڙ خيبرپختونخواهه رائيٽ ٽو انفارميشن (ترميمي) ايڪٽ 2015 جو بل خيبرپختونخواهه اسيمبلي جي ويب سائيٽ تي نروار نه ٿي سگهيو آهي پر معاملي تي صورتحال نيٺ واضح ٿي ويئي آهي. خيبرپختونخواهه اسيمبلي پاران 23 جون 2015 تي منظور ڪيل ترميمن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون.

I. نئين قانون ۾ شق 28 ساڻ ذيلي شق 3 شامل ڪئي ويئي آهي جنهن تحت ڪي پي آرٽي آءِ ايڪٽ 2013 جي شق (1)28 ۾ شامل ڪيل ڏوهه هاڻي ضمانت جوڳا ۽ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ جي دائري هيٺ آندا ويا آهن.

II. قانون جي شق (i)(iii) 2 تحت خيبرپختونخواهه اسيمبلي بابت سموري سرڪاري ڄاڻ ڪي قانون ۾ شامل ڪيو ويو هو، هاڻي نئين ترميم بعد اها شق ختم ڪئي ويئي آهي.

III. قانون جي شق 24 ۾ هڪ نئين لفظ جو اضافو ڪيو ويو آهي، جنهن تحت صوبي ۾ هاڻي ٽن بدران به انفارميشن ڪمشنر مقرر ڪيا ويندا.

مٿي بيان ڪيل ترميمن مان ٻهريون به ترميمون ڳنڍتي جوڳيون آهن. ٻين ترميم کي اڳي ئي وڏي پئماني تي تنقيد جو نشانو بنايو ويو هو ۽ صوبائي حڪومت تي دباءُ وڌو پئي ويو ته اها عوام سان ڪيل اهي واعدا وفا ناهن ڪيا جن ۾ چيو پئي ويو ته تڪراري ترميمن کي ختم ڪيو ويندو. اهڙن واعدن ۾ 26 جولاءِ 2015 تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي آفيشل ٽوئيٽر تان جاري ڪيل اهو واعدو به شامل آهي جنهن ۾ چيو ويو هو ته ڄاڻايل ترميمن کي بنادير ختم ڪيو ويندو. ساڳي قسم جي خاطري صوبي جي وڏي وزير پرويز خٽڪ پاران به پلڊاٽ جي هڪ وفد سان 30 جولاءِ 2015 تي هڪ ملاقات دوران ڪرائي هئي.

اهڙين وڏي واڪي دعوائن ۽ واعدن باوجود خيبرپختونخواهه حڪومت صوبائي اسيمبلي جي 15هين سيشن ۾ تڪراري ترميمن کي ختم ڪرڻ جي ايجنڊا شامل نه هئي. 3 آگسٽ 2015 کان 17 آگسٽ 2015 [6] تائين ٿيل اسيمبلي سيشن جي ست ويهڪن باوجود اجلاس کي 7 سيپٽيمبر 2015 تائين ملتوي ڪيو ويو. [7]

اهڙيون ترميمون، خاص طور تي مٿي بيان ڪيل ٻهريون به ترميمون بنادير ختم ٿيڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته انهي سان قانون ۾ اڳي فراهم ڪيل انفارميشن ڪمشنرز کي مجرماڻا ڏوهه ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو اختيار ختم ٿي ويو آهي. خيبرپختونخواهه جي اصل قانون ۾ ڀڃڻ جوڳن ڏوهن جو ڪو به حوالو موجود نه هو، جڏهن ته هاڻي آرٽي آءِ ايڪٽ تحت نه ڀڃڻ جوڳن ڏوهن بابت شق 28 کي شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي اڳواٽ اجازت کانسواءِ قانون جي خلاف ورزي ڪندڙن کي گرفتار نه ڪري سگهبو.

ان جي ڀيٽ ۾ پنجاب ٽرانسپيرينسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2013 ۾ پنجاب انفارميشن ڪميشن يا پوءِ شق 17 تحت ان

جي عملدارن پاران واضح هدايتن جي صورت ۾ ان قانون هيٺ ٿيندڙ ڏوهن کي عدالتن پاران ڀڃڻ جوڳو قرار ڏنو ويو آهي. ان ڪري آرٽي آءِ ايڪٽ هيٺ ٿيندڙ ڏوهن ۽ شڪايتن جي معاملن تي جاچ بابت ڪميشن جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت کي برقرار رکيو ويو آهي. [8]

خيبر پختونخواهه جي تڪراري آرٽي آءِ ايڪٽ 2015 تحت هن قانون هيٺ ٿيندڙ ڏوهه ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽن ۾ ٻڌي سگهجن ٿا، جڏهن ته صوبي جي 2013 واري اصل آرٽي آءِ قانون جي شق (f)(2) تحت سرڪاري ڄاڻ کي پڌرو ڪرڻ آڏو رنڊڪ وجهندڙ سرڪاري عملدار خلاف ڪيس، انفارميشن ڪميشن پاران پشاور هائيڪورٽ ڏانهن اماڻيا ويندا هئا. پاڪستان جي آئين جي شق (c)(1) 199 موجب بنيادي انساني حق جهڙوڪ ڄاڻ جي حق جي لتاڙ خلاف داخل ڪرايل اپيلن داخل ڪرڻ جون ٻهريون فورم

لاڳاپيل هائيڪورٽ آهي، جڏهن ته آئين جي آرٽيڪل 19A ۾ ڄاڻ جي حق کي بنيادي انساني حق قرار ڏنو ويو آهي. صوبي ۾ آرٽي آءِ ايڪٽ جي لتاڙ يا خلاف ورزي کي هائيڪورٽ بدران رڳو ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن عدالت ۾ ٻڌڻ جوڳو قرار ڏيڻ، پاڪستان جي آئين کي سڌي ريت پٺي ڏيڻ برابر آهي.

ان جي پيٽ ۾، پنجاب جي آرٽي آءِ قانون جي شق 18 موجب انفارميشن ڪميشن جي فيصلي کي رڳو ڪميشن جي ئي نظرثاني واري فورم يا پوءِ لاڳاپيل هائيڪورٽ ۾ چيلنج ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري پنجاب جو آرٽي آءِ قانون، آئين جي آرٽيڪل (c)(1) 199 پٺاندڙ آهي ۽ ان ۾ اهڙي اپيل يا پٽيشن کي ذيلي عدالتن ۾ ٻڌي نٿو سگهجي.

اهو اڃا ڏسڻو باقي آهي ته خيبرپختونخواهه اسيمبلي پاران منظور ٿيل آرٽي آءِ ترميمن جو ڪهڙو عملي نتيجو سامهون اچي ٿو. اها اميد ڪئي پئي وڃي ته خيبرپختونخواهه حڪومت ۾ موجود پارٽي اڳواڻن جي واعدي موجب انهن ترميمن کي سومر 7 سيپٽيمبر 2015 تي ملتوي ٿيندڙ سيشن واري ڏينهن تي تبديل ڪيو ويندو. ايندڙ مهينن ۾ پلڊاٽ پاران انهي تي وڌيڪ گهري نظر رکي ويندي.

## گورنر هائوس پنجاب جو ڊپٽي سيڪريٽري صوبائي آرٽي آءِ قانون تي عمل درآمد نه ڪرڻ تي پنجاب انفارميشن ڪميشن پاران طلب

پنجاب انفارميشن ڪميشن پاران پنجاب گورنر هائوس جي ڊپٽي سيڪريٽري ڪوآرڊينيشن ۽ پبلڪ انفارميشن آفيسر طارق شهزاد کي 20 آگسٽ 2015 تي جاري ڪيل هڪ حڪم ۾ وضاحت طلب ڪئي ويئي آهي ته هن ڪميشن جي 15 اپريل 2015 [9] تي ڏنل حڪم تي عمل ڇو ناهي ڪيو ۽ گورنر هائوس جي خرچن جو سمورو ريڪارڊ ۽ ڄاڻ ڇو پڌري ناهي ڪئي ويئي.[10]

ان کان اڳ طارق شهزاد کي 3 مارچ 2015 تي پنجاب انفارميشن ڪيمشن پاران سندس پاران ٻڌڻين تي لاڳيتو غير حاضري جي ڪري سبب ڄاڻايو نوٽيس جاري ڪيو ويو هو. ڪميشن تازو ئي جاري ڪيل حڪم ۾ پڇاڻو ڪيو آهي ته گورنر هائوس پنجاب پاران ڪميشن جي حڪم تي عمل درآمد ڇو ناهي ڪيو ويو.

پلڊاٽ سمجهي ٿي ته گورنر هائوس کي پنجاب انفارميشن ڪميشن جي حڪمن جي بنادير تعميل ڪرڻ گهرجي. هڪ سرڪاري اداري جي حيثيت سان گورنر هائوس کي پاڻمرادو بجيٽ، خرچن جي تفصيل سميت سموري گهربل سرڪاري ڄاڻ پڌري ڪري عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ گهرجي.

## خيبرپختونخواهه انفارميشن ڪميشن ۾ تڪراري مقرريون عدالت ۾ چيلنج

صوبي ۾ ٿيندڙ ٻن اهم واقعن خيبرپختونخواهه جي آرٽي آءِ ڪميشن جي اندرئين انتظامي ڪارونهوار مٿان شڪ جا ڪارا ڪڪر ڇائنجي ويا آهن. ڪميشن ۾ ڀرتين جي عمل ۾ مبينه بي ضابطگين تي ڪيتريون ئي آڱريون کڄيون آهن.

پهريون واقعو هن ريت آهي ته ڪميشن ۾ ڪجهه ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي ڀرتي ڪيل ملازمن پاران پشاور هائيڪورٽ ۾ هڪ پٽيشن جمع ڪرائي ويئي. سندن استدعا هئي ته انهن کي پڪو ڪيو وڃي. ان پٽيشن جي ٻڌڻي بعد پشاور هائيڪورٽ، انفارميشن ڪمشن پاران اعلانيل نين ڀرتين جي عمل تي عدالت جي حتمي حڪم اچڻ تائين منع نامون جاري ڪري ڇڏيو آهي.

خيبرپختونخواهه جي ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل وقار احمد خان جي دعوي آهي ته ڪميشن ۾ ٿيندڙ ڀرتيون سروس رولز موجب ڪيون پئي ويون ته جيئن انهن جاين کي مستقل بنيادن تي ڀريو وڃي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته ڪانٽريڪٽ ملازم ٻين دورخواستگذارن جيان انهن جاين تي درخواستون ڏيئي سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته سندس ڀرتي خيبرپختونخواهه سول سرونٽس ايڪٽ 1973 تحت عارضي يا ايڊهاڪ بنيادن تي ڪئي ويئي هئي [11] ۽ خيبر پختونخواهه جي سول سرونٽس رولز 1989 جي شق (1) 14 تحت ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ڪيلن کي 12 مهينن جي مدي کان وڌيڪ نٿو رکي سگهجي. [12] جيتوڻيڪ

معاملو عدالت جي ٻڌڻي هيٺ آهي، تنهن ڪري اها ئي هن مسئلي کي حل ڪري سگهي ٿي.

ان ڏس ۾ ٻئي پاسي هڪ ٻيو واقعو وڌيڪ ڳڻتي جوڳو سمجهيو پيو وڃي، جنهن ۾ ڪجهه شهرين پاران پشاور هائيڪورٽ ۾ هڪ پٽيشن داخل ڪئي ويئي آهي. پٽيشن ۾ الزام هنيو ويو آهي ته ڪميشن ۾ ٿيندڙ اعلي سطحي پرتيون مبينه طور سروسز رولز جي ابتڙ ڪيون ويون آهن. اهڙين پرتين ۾ پاڻ انفارميشن ڪمشنر عبدالمتين خان جي پرتي ۽ هڪ ڪنسلٽنٽ جي پرتي به شامل آهي جنهن کي بعد ۾ سمورن مراعتن سميت سيڪريٽري جي چارج ڏني ويئي.

ٻي پرتي ان کان وڌيڪ ڳڻتي جوڳي آهي جنهن ۾ ريٽائرڊ ملازمن جي ٻيهر پرتي بابت سروس رولز جي نه رڳو مبينه لتاڙ ڪئي ويئي آهي پر اهڙن ملازمن کي ملازمتن ۾ توسيع به ڏني ويئي آهي. جيئن ته اڳي بيان ڪيو ويو آهي ته خيبر پختونخواهه سروس سرونٽس رولز 1989 جي شق (1) 14 تحت ايڊهاڪ يا ڪانٽريڪٽ تي ڪيل پرتيون هڪ سال کان وڌيڪ مدي لاءِ نٿيون ڏيئي سگهجن.

ريٽائرڊ سرڪاري ملازمن جي ٻيهر پرتي يا مقرري جيڪڏهن قاعدن جي ابتڙ ٿي آهي ته انهي معاملي تي اٿاريل سوال جا جواب ڳولهڻ جي ضرورت آهي ته ڇا ڪنسلٽنٽ جي پرتي يا ريٽارئرڊ ملازمن جي ملازمت واي مدي ۾ توسيع اعلي اختيارين يا 17هين گريڊ يا ان کان مٿي جي سيڪريٽري سطح جي پرتين جي منظوري صوبي جي وڏي وزير کان ورتي ويئي هئي.

## پاڪستاني شاگردن کي پرڏيهي اسڪالرشپ ڏيڻ واري معاملي ۾ شفافيت وارو سوال

پاڪستاني شاگردن کي اسڪالرشپ تي پرڏيهه موڪلڻ بابت فنڊز جي بي اثرائتي ٿيڻ واري معاملي تي سينيٽ جي خاص ڪميٽي جي هڪ گڏجاڻي 12 آگسٽ 2015 [13] تي ڪوٺائي ويئي. گڏجاڻي جو مقصد اهو جانچڻ هو ته گذريل ڇئن سالن دوران مختلف بين الاقوامي ادارن پاران پاڪستاني شاگردن کي اسڪالرشپ جي ڏس ۾ مختص ڪيل فنڊ ڇو بي اثرائتا بڻجي ويا ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪيترائي شاگرد لاڀ حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويا.[14]

گڏجاڻي دوران اهو انڪشاف پڻ ٿيو ته جيتوڻيڪ گذريل 4 سالن دوران 1457 شاگردن کي پرڏيهه ۾ اعلي تعليم پرائڻ لاءِ اسڪالرشپ ڏني ويئي پر مختلف لاڳاپيل وزارتن ۽ کاتن وچ ۾ اثرائتي رابطي جي کوٽ سبب انهي بابت پتو نه پئجي سگهيو يا ان جو ڪوبه ريڪارڊ موجود نه آهي ته وڏي انگ ۾ اسڪالرشپ ڇو بي اثرائتيون بڻجي ويون. جڏهن ته پلڊاٽ کي سينيٽر مشاهد حسين ذريعي وثوق سان پتو پيو آهي ته شاگردن کي اسڪالرشپ ڏيڻ واري معاملي تي ڳڻتي جوڳيون بي قاعدگيون ۽ نقص سامهون آيا آهن. سينيٽر مشاهد حسين موجب اهي اسڪالرشپ نه رڳو ميرٽ جي خلاف ڏنيون ويون پر ڪيترن ئي اسڪالرشپس کي ڳجهو پڻ رکيو ويو ۽ انهن کي پڌرو نه ڪيو ويو.

اهل ۽ حقدار شاگردن کي اهي اسڪالرشپ شفاف نموني ڏيڻ کي يقيني بنائڻ لاءِ انهي سموري عمل کي عوام آڏو رکيو وڃي. وفاقي سطح تي متعارف ڪيل آرٽي آءِ قانون جو نئون مسودو جيڪڏهن منظور ڪيووڃي ٿو ته اهو قانون ڇاڏايل عمل ۽ اهڙي قسمن جي انيڪ معاملن کي شفاف بنائڻ لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪندو. جيڪڏهن سينيٽ پاران اهڙن اپائن ۽ شفافيت کي يقيني بنائڻ جي نتيجي ۾ ڪاموراشاهي جي رنڊڪن جو خاتمو اچي ٿو ته عام شهرين پاران داخل ڪيل درخواستن بعد ڇاڏايل اسڪالرشپ ۽ رقمون جاري ڪرڻ جا تفصيل ۽ ٻي مڪمل سرڪاري ڄاڻ وقت سر حاصل ڪرڻ سولو بنجي ويندو.

## پنجاب جي اسڪولن متعلق ڊيٽا اجا به رسائي کان ٻاهر

21 آگسٽ 2015 [15] تي ميڊيا ۾ هڪ خبر نروار ٿي ته پنجاب حڪومت جو اسڪول ايجوڪيشن کاتو سرڪاري ڄاڻ پڌرو ڪرڻ جي حوالي سان پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو آهي. سرڪاري ڄاڻ جا مختلف قسم ۽ درجا کاتي جي ويب سائيٽ تي اجا تائين چاڙهيا ناهن ويا. وڌيڪ جائزي سان پلڊاٽ کي پتو پيو ته کاتو

اڳواٽ هيٺ ڏنل سرڪاري چاڻ کي پڌرو ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي.

I. ڪاٽي وٽ موجود سرڪاري چاڻ جا مختلف قسم ۽ درجا
II. ڪاٽي پاران فيصلي سازي جو عمل
III. ڪاٽي پاران ڏنل سبسڊيز ۽ انهي مان لاڀ حاصل ڪندڙن جو تفصيل
IV. ڪاٽي پاران جاري ڪيل پرمٽ ۽ ڏنل اختيار جا تفصيل
V. رپورٽ ۾ اهو پڻ انڪشاف ٿيل آهي ته ڪاٽي 2 فيبروري 2015 ۽ 3 آگسٽ 2015 تي سرڪاري چاڻ جي فراهمي لاءِ داخل درخواستن جو جواب ڏيڻ ۾ به ناڪامي ماڻي.

آرٽي آءِ قانون ۾ ڏنل سرڪاري چاڻ جي مختلف درجن ۽ قسمن کي اڳواٽ پڌرو ڪرڻ ۾ ناڪامي، وڏي پئماني تي هلندڙ پنجاب ايجوڪيشن سيڪٽر ريفارم پروگرام (پي اي ايس آر پي) جي ساک کي چيهو رسائي رهيو آهي. پلداٽ سمجهي ٿي ته اهي سمورا سرڪاري ادارا ۽ تنظيمون جيڪي پي اي ايس آر پي سان سلهاڙيل آهن، انهن کي آرٽي آءِ قانون جي مڪمل پوئيواري ڪرڻ گهرجي ته جيئن پروگرام متعلق عوام ۾ پيدا ٿيل شڪ جو خاتمو آڻي سگهجي.

## خيبرپختونخواهه انفارميشن ڪميشن پاران شڪايتن جي اڪلاءُ جي صورتحال : آگسٽ 2015 [16]

آگسٽ 2015 دوران خيبرپختونخواهه آرٽي آءِ انفارميشن ڪميشن ۾ جملي 89 شڪايتون جمع ڪرايون ويون. جن مان 9 شڪايتن کي بند ڪري داخل دفتر ڪيو ويو. انهن مان هڪ شڪايت ڪميشن جي دائري ڪان ٻاهر هئي، جڏهن ته باقي 8 شڪايتن تي عمل ڪندي درخواستگذارن کي گهربل سرڪاري چاڻ وقت سر فراهم ڪئي ويئي. اها ڪارڪردگي گذريل مهيني جي ڀيٽ ۾ بهتر آهي، جنهن ۾ 117 جمع ٿيل شڪايتن جي جواب ۾ رڳو 10 شڪايتن کي داخل دفتر ڪيو ويو هو جن مان اڪثريت شڪايتون ڪميشن جي دائري ڪان ٻاهر هيون. وڌيڪ تفصيل لاءِ مانيٽر جو گذريل مهيني وارو شمارو ڏسي سگهجي ٿو.[17]

## ڏکڻ ايشيا ۾ آرٽي آءِ قانون جي منظرڪشي
## هندستان جي مرڪزي حڪومت پاران سياسي پارٽين کي آرٽي آءِ قانون جي دائري مان ٻاهر رکڻ جا جتن

هندستان جي سياسي پارٽين کي آرٽي آءِ دائري ۾ شامل ڪرڻ بابت 19 مئي 2015 تي سپريم ڪورٽ ۾ عوام جي مفاد وٽان داخل ڪيل هڪ درخواست [18] جو 24 آگسٽ 2015 تي جواب ڏيندي مرڪزي حڪومت چيو آهي ته قانون تحت سياسي پارٽين کي سرڪاري ادارو تسليم نٿو ڪري سگهجي، تنهن ڪري سندن مٿان آرٽي آءِ قانون هيٺ چاڻ کي پڌرو ڪرڻ واري پابندي نٿي لڳائي سگهجي.[19]

هن ڪان اڳ جولاءِ 2015 ۾ سول سوسائٽي تنظيمن پاران سياسي پارٽين جي آمدني، چندا ۽ خرچ بابت چاڻ کي پڌرو يا فراهم ڪرڻ جي حوالي سان داخل ڪرايل هڪ پٽيشن بعد هندستان جي سپريم ڪورٽ، وفاقي حڪومت ۽ 6 قومي سطح جي سياسي پارٽين جهڙوڪ انڊين نيشنل ڪانگريس، ڀارتيه جنتا پارٽي، بهوجن سماج پارٽي، ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (مارڪسٽ)، ڪميونسٽ پارٽي انڊيا ۽ نيشنل ڪانگريس پارٽي کي جواب داخل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو.[20] سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪرايل پٽيشن هندستان جي سينٽرل انفارميشن ڪميشن (سي آءِ سي) آف انڊيا پاران سياسي پارٽين کي آمدني، چندا ۽ خرچن بابت پڇيل چاڻ فراهم ڪرڻ ڪان انڪار بعد داخل ڪئي ويئي هئي.

سياسي پارٽيون عام طور تي ۽ هندستان ۾ انيڪ فائدا حاصل ڪنديون آهن جهڙوڪ ٽيڪسن ڪان ڇوٽ، سرڪاري زمين جي الاٽمنٽ ۽ عوامي اجلاس ڪوٺائڻ وغيره شامل آهن. اهڙا معاملا انهن کي سرڪاري ادارن يا ڪاٽن بابت قانون جي هر جديد وصف تحت آرٽي آءِ قانون جي دائري ۾ آڻين ٿا. جيڪڏهن هندستان جي حڪومت سي آءِ

سي جي 3 جون واري حڪم تي عمل ڪرائڻ شروع ڪري ڏي ته ان سان نه رڳو هندستان پر سموري ڏکڻ ايشيا ۽ خطي ۾ اثرائتي هلچل پيدا ٿي سگهي ٿي. چاڪاڻ ته هي معاملو اجا عدالت ۾ التوا هيٺ آهي، پلڊاٽ ان جو گهرائي سان جائزو وٺي رهي آهي.[21]

1. Dawn, "Cabinet to review security situation today", August 24, 2015, Islamabad, Pakistan; [accessed online on August 26, 2015, at: http://www.dawn.com/news/1202447/cabinet-to-review-security-situation-today]
2. The International News "Fate of draft RTI law hangs in balance", August 25, 2015, Islamabad, Pakistan; [accessed online on August 25, 2015, at: http://www.thenews.com.pk/Todays-News-13-39263-Fate-of-draft-RTI-law-hangs-in-balance]
3. The Express Tribune (2015), "Summary for PEMRA chairman's appointment to be sent to prime minister by Sept 18", September 2, 2015, Islamabad, Pakistan; [as accessed online on September 3, 2015, at: http://tribune.com.pk/story/949573/summary-for-pemra-chairmans-appointment-to-be-sent-to-prime-minister-by-sept-18/]
4. National Assembly of Pakistan Standing Committee on Information, Broadcasting and National Heritage (2014): pg. 6; 31-21, "Special Report on Right to Information Bill, 2013", Islamabad, Pakistan; [online at: http://nacomm-infobh.pk/Activities/Specialreports/SpecialReportonRighttoInformation.pdf].
5. PILDAT (2015), "PILDAT Lauds Pakistan's Lead in the Global RTI Ranking; Demands early Passage of RTI Law at the Centre and in Sindh and Balochistan Provinces", July 22, 2015, Islamabad, Pakistan; [online at: http://www.pildat.org/eventsdel.asp?detid=764]
6. Provincial Assembly of Khyber Pukhtunkhwa (2015), "Session 15: Sittings", Peshawar, Pakistan; [accessed online on September 3, 2015, at: http://www.pakp.gov.pk/2013/session/session-no-15/]
7. Provincial Assembly of Khyber Pukhtunkhwa (2015), "Sitting of the Assembly has been Adjourned till 7th September, 2015 at 03:00 pm", Peshawar, Pakistan; [accessed online on September 3, 2015, at: http://www.pakp.gov.pk/2013/notification-for-budget-2015-2016/]
8. Government of Punjab (2013), "The Punjab Transparency and Right to Information Act 2013", Lahore, Pakistan.
9. Punjab Information Commission (2015), "Waseem Abbasi vs. Deputy Secretary, Governor House", April 15, 2015, Lahore, Pakistan; [online at: http://rti.punjab.gov.pk/system/files/15%2004%202015%20Objections%20Petition%20by%20Secretary%20to%20Governor%20regarding%20Waseem%20Abbasi%20Vs.%20Tariq%20Shahzad%2C%20Deputy%20Secretary%2C%20Governor%20H.pdf]
10. The International News, "Punjab commission summons Governor House official under RTI law", August 26, 2015, Islamabad, Pakistan; [as accessed online on August 26, 2015, at: http://www.thenews.com.pk/Todays-News-13-39279-Punjab-commission-summons-Governor-House-official-under-RTI-law]
11. Government of Khyber Pukhtunkhwa (1972): pg. 1, "Khyber Pukhtunkhwa Civil Servants Act, 1973", Peshawar, Pakistan; [online at: http://www.khyberpakhtunkhwa.gov.pk/Gov/KP-Civil-Servants-Act-1973.pdf].
12. Government of Khyber Pukhtunkhwa (1989): pg. 9, "Khyber Pukhtunkhwa Civil Servants (Appointment, Promotion and Transfer), 1989", Peshawar, Pakistan; [online at: http://www.khyberpakhtunkhwa.gov.pk/Gov/KP-Civil-Servants-APT-Rules-1989.pdf].
6. Provincial Assembly of Khyber Pukhtunkhwa (2015), "Session 15: Sittings", Peshawar, Pakistan; [accessed online on September 3, 2015, at: http://www.pakp.gov.pk/2013/session/session-no-15/]
7. Provincial Assembly of Khyber Pukhtunkhwa (2015), "Sitting of the Assembly has been Adjourned till 7th September, 2015 at 03:00 pm", Peshawar, Pakistan; [accessed online on September 3, 2015, at: http://www.pakp.gov.pk/2013/notification-for-budget-2015-2016/]
8. Government of Punjab (2013), "The Punjab Transparency and Right to Information Act 2013", Lahore, Pakistan.
9. Punjab Information Commission (2015), "Waseem Abbasi vs. Deputy Secretary, Governor House", April 15, 2015, Lahore, Pakistan; [online at: http://rti.punjab.gov.pk/system/files/15%2004%202015%20Objections%20Petition%20by%20Secretary%20to%20Governor%20regarding%20Waseem%20Abbasi%20Vs.%20Tariq%20Shahzad%2C%20Deputy%20Secretary%2C%20Governor%20H.pdf]
10. The International News, "Punjab commission summons Governor House official under RTI law", August 26, 2015, Islamabad, Pakistan; [as accessed online on August 26, 2015, at: http://www.thenews.com.pk/Todays-News-13-39279-Punjab-commission-summons-Governor-House-official-under-RTI-law]
11. Government of Khyber Pukhtunkhwa (1972): pg. 1, "Khyber Pukhtunkhwa Civil Servants Act, 1973", Peshawar, Pakistan; [online at: http://www.khyberpakhtunkhwa.gov.pk/Gov/KP-Civil-Servants-Act-1973.pdf].
12. Government of Khyber Pukhtunkhwa (1989): pg. 9, "Khyber Pukhtunkhwa Civil Servants (Appointment, Promotion and Transfer), 1989", Peshawar, Pakistan; [online at: http://www.khyberpakhtunkhwa.gov.pk/Gov/KP-Civil-Servants-APT-Rules-1989.pdf].
13. Senate of Pakistan (2015), "Committee on Issue of Lapse of Various Foreign Scholarships", August, Islamabad, Pakistan; [online at: http://www.senate.gov.pk/en/details_standingcommitties.php?id=166]
14. Dawn, "Senate body seeks details of lapsed foreign scholarships", August 13, 2015, Islamabad, Pakistan; [accessed online on September 2, 2015, at: http://www.dawn.com/news/1200185]
15. The News International (2015), "Punjab schools data remains elusive", August 21, 2015, Lahore, Pakistan; [as accessed online on August 22, 2015, at: http://www.thenews.com.pk/Todays-News-5-335332-Punjab-schools-data-remains-elusive]
16. Khyber Pukhtunkhwa Right to Information Commission (2015), "Statement of Complaints 2015", August, Peshawar, Pakistan; [as accessed on September 2, 2015, at: http://www.kprti.gov.pk/rti/documents/144042220855daf3257b5dc.pdf]
17. PILDAT (2015): pg. 4, "State of Right to Information in Pakistan: July 2015", August 19, 2015, Islamabad, Pakistan; [online at: http://www.pildat.org/Publications/publication/FOI/PILDATMonitorontheStateofRighttoInformationLegislationinPakistan_July2015.pdf]
18. Association for Democratic Reforms, "Political Parties under RTI Act: Roadmap of Complaint", New Delhi, India; [as accessed online on August 26, 2015, at: http://adrindia.org/content/political-parties-under-rti#roadmap]
19. Times of India, "Political parties can't be brought under RTI, Centre tells SC", August 25, 2015, New Delhi, India; [as accessed online on August 26, 2015, at: http://timesofindia.indiatimes.com/india/Political-parties-cant-be-brought-under-RTI-Centre-tells-SC/articleshow/48660802.cms]
20. Jagdeep S. Chhokar, "Dark secret: how six parties frustrated the bid to bring them under RTI", July 9, 2015, India; [as accessed online on, August 26, 2015, at: http://www.catchnews.com/politics-news/dark-secret-how-six-parties-frustrated-the-bid-to-bring-them-under-rti-1436454816.html]
21. Times of India, "Political parties can't be brought under RTI, Centre tells SC", August 25, 2015, New Delhi, India; [as accessed online on August 26, 2015, at: http://timesofindia.indiatimes.com/india/Political-parties-cant-be-brought-under-RTI-Centre-tells-SC/articleshow/486_GoBack_GoBack60802.cms]